بہترین تفریحی ادب لائے

# سنگم

پبلیکیشنز



# مامتا

بهترين ثقافتي ادب لاءِ

4/46

# سنگم پبليڪيشنس

شاهه عبداللطيف ڪاليج لائبريري
ڪتاب نمبر

# "مامتا"

## چونڊ ڪهاڻيون ۽ شاعري

| | | |
|---|---|---|
| چيئرمين | : | سيد بشير احمد شاهه |
| سوپرنٽينڊنٽ | : | ڪرم الاهي چنا |
| بانهون ٻيلي | : | لياقت عزيز |
| آرٽسٽ | : | دي ڊائم فوٽوز |
| مئنيجر | : | سيد اعجاز علي شاهه |

قيمت صرف ست رپيه
(Price Rs. 7-00 Only)

---

لکپڙهه لاءِ پتو:

هيڊ آفيس:- روم نمبر1017ـ ڏهين ماڙ، يوني پلازا،
آءِ - آءِ - چندريگر روڊ، ڪراچي سنڌ.

فون نمبر230397

برانچ آفيس:

فليٽ نمبر61، مسان روڊ، ٽنڊو ولي محمد،
پوسٽ باڪس نمبر89، حيدرآباد سنڌ.

# ٽائيٽل تصوير جو تعارف



# عذرا چنا



اخلاق ۽ سهڻي صورت جو آدرش عذرا چنا جنهن جي مک تي هميشه مرڪ جا موتي. علمي، ادبي ۽ سماجي محفلن جي جان- علم جي سمنڊ- سنڌ يونيورسٽي جي شعبي بين الاقوامي تعلقات ۾ سکيا ڏيندڙ.

# فهرست

## ڪهاڻيون


| | |
|---|---|
| ✻ مامتا | عذرا چنا |
| ✻ ڪاڪ ڪڙهي وڻ ويا | قمر شهباز |
| ✻ پيار جي پري | غلام رباني |
| ✻ رُڃ ئي ٻج | تنوير جوڻيجو |
| ✻ ڪجهه ڏيهن لاءِ | الطاف شيخ |
| ✻ خوشبو جو زهر | محمود-ع- پٺاڻ |
| ✻ ڪارو تر | غلام نبي مغل |
| ✻ پيار ۽ پتني | بدرالدين اوڍو |
| ✻ بندوق ۽ بيروزگاري | خيرالنساء جعفري |


## ✻شاعري✻


نياز همايوني — تاجل بيوس

اسحاق راهي — استاد بخاري

نظام زائر — لياقت عزيز

امداد حسيني — مختيار ملڪ

غلام — سيد اعجازعلي شاهه

امداد چانڊيو — سروپ چندر شاد


## ✻سهڻن جا سنيها✻

# فروٽ جي واپارين لاءِ
# خوشخبري!

## محراب پور (سڪرنڊ پرسان) ۾
# عظيم الشان فروٽ نيلام!!

باغ ۾:

**قلمي ۽ ديسي انب**
**سڌرس ۽ ليما**

باغ معائني لاءِ تيار آهي. باغ جي ڊگهو لڳ ڀڳ پڪو روڊ آهي ۽ ان ۾ سڀ بنيادي سهولتون موجود آهن.

لهه وچڙ ۾ اچو:

# سيد بشير احمد شاهه
## آف محراب پور

فون نمبر: سڪرنڊ 21 ۽ 128
ڪراچي 534362 ۽ 230397

# ڪچهري

سنگم پبليڪيشنس جو ٻارهون نمبر ڪتاب ”[illegible]“ اوهان جي هٿن ۾ آهي، اميد اٿئون ته هميشه جيان محبت جي موٽ ڏيندا.

اسان پنهنجي رفتار سان اڳتي وڌون پيا. سياڻن جو چوڻ آهي ته ڪوڪ وس آهر ۽ وقت جي رفتار سان گڏ وڌائجي، هوڙائي هميشه نقصان پهچائيندي آهي. انهيءَ ڪري سوچي سمجهي، ساٿ سنڀاري پنهنجي ٻوليءَ ۽ ڌرتيءَ جي خدمت ڪندا رهنداسين. هي ڪوڪ ڪوڪ تي مشڪلاتن ۽ محرومين جا اڏا ڪاوا ۽ نوڪدار ڄهڙ اسان کي پنهنجي مقصد کان روڪي نه سگهندا.

اسان ”سنگم - ٽيم“ جي ميمبرن، ليکڪ سائين ۽ سڀني دوستن خاص ڪري نذير چنا جا ٿورائتو آهيان، جن هن ڪتاب کي اوهان تائين پهچائڻ ۾ منهنجو ڀل ڀل ساٿ ڏنو.

نئين انتظامي تبديلين ڪري، سنگم جي هيڊ آفيس ڪراچيءَ منتقل ڪئي ويئي آهي. نئين آفيس جي ائڊريس ٻئين صفحي تي ڏنل آهي.

ساٿ سلامت

**ڪرم الاهي چنا**

ڊسمبر ١٩٨١ع

سدائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

اوهان سڀني جو گهڻگهرو

# اعجاز حسين اي. انصاري

ايم.اي (سوشالاجي)، ايم.اي (رليجن)، ايم ايڊ، ايل.ايل.بي

مئنيجر:

## حبيب بئنڪ لميٽيڊ

سنڌ يونيورسٽي اولڊ ڪئمپس برانچ حيدرآباد.

فون: ٢٥٩٧٧



## سنگم پبليڪيشنس جا ڇپايل

## انمول ڪتاب

| | | | |
|---|---|---|---|
| آرزو | ڏهه روپيه | سپنا | ڇهه روپيه |
| اسڪاءِ ليب | ڇهه روپيه | مفت انعامي | |
| ماڻڪ موتي | ڇهه روپيه | اسڪيم نمبر | ڇهه روپيه |
| صبحِ ازل | ڇهه روپيه | امنگ | ڇهه روپيه |
| ليڊر جو عشق | ڇهه روپيه | تخليق جو موت | ڇهه روپيه |
| آبِ حيات | ڇهه روپيه | ماستا | ست روپيه |

## سنگم پبليڪيشنس

1017 - يوني پلازا، ڏهين ماڙ، آءِ.آءِ. چندريگر روڊ،

ڪراچي — فون نمبر 230397

يا

پوسٽ باڪس نمبر ٨٩، حيدرآباد.

# ڀٽائي

سورهيه مڙن سوڀ کي، تہ دل جا وهم وسار
هڻ ڀالا، وڙهه ڀاڪرين، آڏي ڀال م ڀار
مٿان تيغ ترار، مار تہ مٿارو ٿئين.

—

گهوڙن ۽ گهوٽن، جيئڻ ٿورا ڏينهڙا
ڪڏهن منجهه ڪوٽن، ڪڏهن واهي رڻ جا

—

مٿارا مري ويا، موکي ٿون نہ مرين
ڪيهي پر پرين، ڏٺي ڏکي ڏاڏارن کي

—

ڦريا ڏسي ڦيڻ، ڪرين ڪير نہ چڪيو
دنيا ڪارڻ دين، وڃائي ولها ٿيا

—

طمع جي ٽنوار، مٿان ڪرين مڱڻا
ڏکي ڪنڌئي ڏار، ماڻڪ ڏيئي مٽ ۾

—

گهوڙيا سي چڙهيا، اڏين اٽڪي
مٿي مٿي مهراڻ ۾، ٻڏو ٻيو ڏيئي
تہ ميهار مليئي، سنيهڙو سيڻاه سين،

# سچل

ڪيچيڙا ڪالھ ويا، ٺڳ آڏن ڏاڍي،
ھوتن ريءَ ھاڏي، اڱڻ نھاري نہ سگھان.

—

دوست اوھان ريءَ ديس ۾ جيڻ آھي جنجال،
چئي ٻڌ يان ڪيترو، اَرياڏي احوال،
سچ، سچوءَ جو سپرين، سائينءَ لڳ سوال.

—

ھنداڻتا موٽيا، روئي چون روجھون،
ڪميڻيون ڪوڏھون، قادر تنھنجيون آھيون.

—

آئي ويا اوتار، ڪٺي ساٿ سوڍل جو،
ھاڏي اڏيون آئيا، ڏورڻ مون ڏونگار،
ٻيا ڀي ھوت ھزار، منھنجو پيچ پنھونءَ سان.

—

آءُ ڪانگل ڪائين، تا توتي عطر اوتيان،
اچڻ ٻاجھون ڏانھنجي، آھيان اباڻڪ آئين،
ڏاھا گھڻا ڏينھڙا، متان تون لائين،
پيرَ اڱڻ پائين، تہ منھنجو ساھ سڏير ٿئي.

— —

عذرا چنا

## ماءُ

[اٺهويهين صديءَ ڌاري لکيل هن شاهڪار ڪهاڻيءَ جي اصل خالق عورت جي نالي جو اهڃاڻ تائين پتو پئجي نه سگهيو آهي.

هيءَ ڪهاڻي سڀ کان پهرين ”هڪ گمنام ليکڪا“ جي نالي سان ”پولش زبان“ ۾ اٺويهين صديءَ ۾ شايع ٿي ۽ ان کان پوءِ دنيا جي ڪيترين ئي زبانن ۾ ترجمو ٿي، ڪروڙن جي تعداد ۾ شايع ٿي آهي.

گمنام عورت جي لکيل هيءَ شاهڪار ڪهاڻي صرف ڪنهن هڪ ڇوڪريءَ، ڪنهن هڪ عورت، ڪنهن هڪ ماءُ جي ڪهاڻي نه آهي، بلڪ ڪيترين ئي گمنام ڇوڪرين، عورتن ۽ مائرن جي آتم ڪهاڻي آهي.

غالباً ماءُ بڻجڻ جي تمنا تي، هن کان بهتر ادبي شاهڪار، پيو ڪو مشڪل سان تخليق ٿيو هوندو. ماءُ بڻجڻ جي ان انتهائي مقدس ۽ پاڪيزه فطري خواهش کي، سنڌي زبان جي سرواڻ ليکڪا، محترمه عذرا چنا، خاص طور تي سنڌ جي پڙهندڙن لاءِ ترجمو ڪيو آهي.

عذرا چنا جي آرٽسٽڪ ذهن، هن ڪهاڻيءَ اندر سادگي دلسوزيءَ جو حقيقي رنگ ڀري ڇڏيو آهي.

ڪرم الاهي چنا]

* * *

گهر ۾ اڪيلو رهندو هو، پر مونکي ان وقت سندس گهر ويندي کو به ٻپ محسوس نه پئي ٿيو. گهر پهچندي هن ڪاڏي پيتي جون شيون منهنجي اڳيان رکيون ۽ مون کان ڪلاڪن جي اجازت وٺي گهر کان ٻاهر نڪري ويو. مان وري پنهنجي خيالن ۾ گم ٿي ويس. وقت گذرڻ جو احساس ئي نه ٿيو. هن اچڻ سان ئي مونکي ٻڌايو ته، "اسين رات جي گاڏيءَ ۾ هي شهر ڇڏي رهيا آهيون."

"شهر ڇڏي رهيا آهيون!" مون سواليه انداز ۾ ڏانهس ڏٺو.

"اها دنيا جتي تنهنجي ننڍڙي لاءِ ماڻهو چميگوئيون ڪن، ان دنيا کي ڇڏڻ ئي بهتر آهي. تون مونتي اعتماد ڪر، مان تنهنجي خوشين خاطر سڀڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار آهيان."

"تون منهنجي خاطر پاڻ کي ايترو پريشان ڇو ٿو ڪرين، ڪاليج ۾ هي تنهنجو آخري سال آهي، تنهنجا گهر وارا...."

هن منهنجي ڳالهه اڌ ۾ ڪٽيندي چيو ته، "بس تون هاڻي اهڙيون ڳالهيون نه ڪر ۽ جلدي هلڻ جي تياري ڪر."

الف ضروري سامان بند ڪيو. مان خاموشيءَ سان ڪيس ڪم ڪندي ڏسندي رهيس. هن سامان بند ڪري مونکي چيو ته، "هاڻي هلو ته هلون، اڄ کان تنهنجي زندگيءَ جو نئين سر آغاز ٿي رهيو آهي."

مان هن سان گڏ هڪ اڻڄاڻ منزل ڏانهن راهي ٿيس. مان دل ۾ روئي رهي هيس. مونکي پنهنجو گهر، مٽ مائٽ ۽ ڀائر ياد اچي رهيا هئا.

الف ان ڏکي مسافري ۾ منهنجي آرام جو تمام گهڻو خيال رکيو. اسين اتربن علائقي جي هڪ وڏي شهر ۾ منجهند جو پهتاسين. اتي اسين هڪ هوٽل ۾ ترسياسين. هوٽل جي ڪمري ۾ ويهاري الف مونکي چيو ته، "هاڻي تون آرام ڪر، ڏکي مسافريءَ جي ڪري ٿڪجي پئي هونديءَ. هن شهر ۾ منهنجو هڪ دوست آهي، مان ان سان ملي جلدي واپس اچان ٿو."

کھاڻيندا اچي ڪار وٽ بيٺا.

"ها." ميجر صاحب ڪنپير آواز ۾ چيو، "ٿمينه اپا
ننڍي هوندي ڪيس پوليو ٿي پيو هو، جنهن ۾ پٺي ٽنگون
ٿي ويس."

هنجو آواز پرچي آيو. "انڪانپوءِ هوءَ ڪڏهن بـ
سگهي آهي. زندگي هن لاءِ اداسين جو پيو نالو آهي. قد
عجيب ٽٽولي ڪئي آهي. اڄ، تو ڪيس چند گهڙين جي
خوشي ڏني آهي، مان انلاءِ تنهنجو ٿورائتو آهيان."

هنجي اکين ۾ موتي چمڪي اٿيا.

۽ پوءِ هن سهارو ڏني ٿمينه کي ڪار مان لاٿو ۽
تي وهاريو. هنجون پٺي ٽنگون سڪيل هيون. ۽ جڏهن
ڪرسي تڪي هليا، تڏهن هـن پيهر اکيون ڪٽي مونڏ
۽ مان ڪيس ڏسندو رهيس. ايستائين، جيستائين هوءَ منهن
ڪان اوجهل نه ٿي وئي.

منهنجي دل ۾ چـڻ ڪجهه پڄي پيو. اکين ۾
تير لهي آيا. پولار ۾ پنهنجو وجود پنوائيون ڪائيندو
دل دانهن ڪئي، اهو ڪوڙ آهي —
اهو ڪوڙ آهي —
اهو ڪوڙ آهي —

منهنجون آڱريون سيتجي ڪتار جي تارن جي
سان جمي ويون. تارون ترڪڻ جي ماس ۾ پيهي
جڏهن تار آواز ڪري ٽٽي، تڏهن ڏٺم ته آڱر
هليو هو.

ان رات، پنهنجي ڪمري ۾ ڪافي ديـر تا
پاهـر اونداهه ۾ گهوريندو رهيس. ۽ پوءِ اوچتو مو
ٽيبل تان اچوڪي ڪٽيل ٽرافي ڪٽي دريءَ
چڏي — ۽ پوءِ پنهنجي زخمي آڱر کي ڏسڻ لڳ

غلام رباني

# پيار جي پري

سُڻ تہ ڪوئي خيال هان،
ملسان نال خيال دي!
— سچل

شهر کان ڪجهہ پريرو سمنڊ جي ڪناري تي هڪ اڪيري ٽڪري هئي، جنهن جي چوٽيءَ تي بحري فوج جي اعليٰ عملدارن لاءِ هڪ ننڍڙي پر عمدي هوٽل ٺهيل هئي. ٻڍڙي خانسامان — جو ان ڪئنٽين جو رکوالو هو — مون کي ٻڌايو تہ، ”ڪڏهن ڪڏهن ڪو عملدار اوچتو اچي نڪرندو آهي ۽ رات رهي، آرام ڪري، صبح جو واپس ورندو آهي، نہ تہ مهينا پئجي ويندا آهن، تہ ڪو پکي بہ ڪونہ لڙندو آهي،“ ٽڪري جي پيڙيءَ کي تيلي هئي، سامهون ويٺل پير مرد ڏي اشارو ڪري چوڻ لڳو، ”البت، هي پيڊو مهيني ماسي پيرو ضرور پريندو آهي. بعضي وري اوهان وانگر ڪو گهمندي ڦرندي اچي چانهہ جي ڪوپ جي ڪُهرَ ڪندو آهي.“

”اهو پيڊو ڪير آهي؟“ مون ڪوپ ۾ چانهہ اوتيندي، ڪانئس آهستي پڇيو.

”ڪنهن ڪاليج جو رٽائرڊ پروفيسر آهي،“ خانسامان ٽورو ڏاڍيان چيو، ”سندس ڳالهيون ڏاڍيون مزيدار آهن.“

”هائو منهنجون ڳالهيون مزيدار آهن — خاص ڪري اوهان جيڏن جوانن لاءِ.“ پروفيسر مون ڏي منهن ڪري، مرڪي چيو ”تہ پوءِ اچو تہ چانهہ جو ڪوپ بہ گڏجي پيئون، ۽ ڳالهہ

منهنجي اک اک سان سس ڳنڍي هوندي، جو چنڊ جا ڪرڻا
دريءَ جي چيرن مان لنگهي اندر آيا ۽ پوءِ هوا جو هڪ جهوٽو
جهونڪو آيو، جنهن دريءَ جا پيڪوڙيل تاڪ زور سان کولي ڇڏيا.
دريءَ جي ڪڙڪي تي منهنجون ننڊ ۾ خماريل اکيون کلي پيون،
۽ ڪنهن ماڻهو جي قدمن جي آهٽ پڌي، مان ڇرڪ ڀري،
بستري ۾ سڌو ٿي ويٺس. ڪمري کو اڃ وچ ڪري رهيو
هو! ڀهريائين پرپرو ڪنڊ ۾ هو، ۽ پوءِ مون ڏي وڌندو آيو.
جڏهن دريءَ جي آڏو آيو، ۽ مٿس چانڊوڪي پيئي، تہ مان
حيرت ۾ پئجي ويس — هوءَ تہ ڪا پري هئي!

سندس پورو پورو جسم ائين پئي جرڪيو، جيئن چانديءَ
جي آئيني ۾ اڇي گلاب جو عڪس! ۽ سندس وار — پر مان
انهن کي وار ڪيئن ڪوٺيان! اهي تہ ڪي نجي سون جون
تارون هيون: منجهن صندل جي سرهاڻ هئي. يقيناً ماڻهو — جائي
ڪين هئي. ڀلا ماڻهو - جائيءَ کي اهڙا سندر نيڻ ڪٿان ايندا!
سندس چال پٽ - ڀيريءَ جي چال کان بہ گهڻو نرم ۽ موهيندڙ هئي.

"تون ڪير آهين؟" مون دل جهلي کانئس پڇيو.

"مان؟ — مان 'پيار جي پري' آهيان." هن جو آواز معصوم
ٻار جي ٽهڪن جيان مٺو هو.

"ڪٿان آئي آهين؟" مون وري سوال ڪيس.

"آسمان جي وچ تي هو اچو پنو آهي نہ." آڱر جي اشاري
سان ڇيائين، "هينئر تہ اتان ئي آئي آهيان."

مان وڌي وڃي سندس پرسان بيٺس.

"مون ڏي ائين نہ نهار." هن اداس اکڙيون کڻي مون
ڏي نهاري چيو.

"ڇو؟" مون ورائي پڇيو، "ڇو؟"

"انهن نگاهن ۾ بناوٽي پيار آهي." هن ٿڌو ساهہ ڀري چيو.

"توکي ڪيئن معلوم ٿيو؟"

"مان دل جو حال ڄاڻان!" هن ورائيو.

تنوير جوڻيجو

# رُڃ ئي رُڃ

وطن کان هزارين ميل ڏور... ڏيساور جي هڪ رنگين شهر
۾... اڪيلي ۽ تنها...
چوڌس رنگ برنگي روشنيون وکريل... هلڪيون...
تيز... چڀندڙ... پر سندس من ۾ ڀاڻ اونداهي... اچانڪ هڪ
ڪرڻي جو ڦٽڻ... وڄڻ... چمڪاٽ ڪرڻ... احساس جي
جو... بي چيني... بي قراري... پيڙا- بي چيني ۽ پيڙا لڪائڻ
لاءِ اٿڻ... قلم ۽ ڪاڳر جو سهارو وٺڻ...
قلم ۽ ڪاڳر جي ماٺ ميٺ ۾ پنهنجا هزارين ڏک ۽ سور
پنهنجي سيني ۾ سانڍيو ڇڏين
”هيءَ تيز ۽ تکي روشني جلائي نه ڇڏيم... پر نه... هڪدم
ڪانءَ جلائيندي... سندس چپ ڏينهون ڏينهن وڌندي ويندي...
وڌندي ويندي ۽ آءٌ جلندي ويندس... آهستي آهستي...
رفتي رفتي ڪاش اها روشني نرم ملائم ها! ۽ آءٌ اونده ۾ ٿي
ٿاڦوڙا هڻندي رهان ها! اونده: جنهن ۾ پنهنجو ئي وجود،
پنهنجن نظرن کان اوجهل ٿيو وڃي، پنهنجا ئي عيب ٻاهر کان
لڪي وڃن.
اسان به ڪيڏا نه عجيب آهيون؟... اونده
تيز روشنين پٺيان ڀڄندا آهيون، ان ڳالهه کار
روشنيون ئي ڪنڌا ٻنڌ
اکين کي ڏسڻ...
اسان به ڪه؟

هنيون اٿس.)

”ڇا پيئي ڏسين؟“

”ڪجهه به نه“.

”(ڪل)... هيءَ تصوير پيئي ڏسين؟“

”نه... ته پر تنهنجي امان ڪاڏي وئي؟.“

”امان... معاف ڪجانءِ... امان دراصل ڪنهن ضروري ڪم سان ماسيءَ جي گهر هلي وئي آ...“.

”اڇا... ته جناب ڀاڻو ڀڄي ڀڄايو گهر آيا آهيو“.

ڪلندي... ”ڀاڻ عقلمند آهين... ڳالهه ٻڌندين نه... هي پڙ ڪنهن جي ميلاپ جو ڳانو...“

”واهه...“

”ڪيڏو نه سٺو لڳي پنهنجو ميلاپ به ان ڳاني جيان ٿئي.“

”سڀ تنهن جي هٿ ۾ آهي. تون چاهين ته ٿي به سگهي ٿو...“

”سچ...“.

”پيو نه ته وري ڇا؟“

”هيءَ تصوير ڏني اٿئي...“

”ڏايو ڪو بي شرم آهين. اهڙيون تصويرون هٿيون آهن؟“

”پيو نه ته ڇا ٿي ها خبر اٿئي هن تصوير کي ڏسي ڇا سوچيندو آهيان...؟“

”ڇا“؟

”ڪاش اهو ڏينهن جلد اچي جڏهن تون ۽ مان هن تصوير مان نڪري حقيقتن جو ويس اوڍيون.“

”توبهه توبهه... ڪهڙيون نه پيو بي شرمي جون ڳالهيون ڪرين؟“

”جاني تنهنجون اهي اداڻون ته مون کي ماري وجهنديون... هيڏانهن اچ“.

”هي ڇا پيو ڪرين... ڪير ڏسي نه وٺي“...

”ڪير ڪونه ڏسندو جان... گهر ۾ اسان ٻنهي کان سواءِ ڪير

ٻه ڪونهي...".

"الا... منهنجي ٻانهن ته ڇڏ... چوڙيون ٽيون ٽٽنم."

"وڌيڪ جدائي مون کان برداشت نه ٿي ٿئي... هي گيت ٻڌ تنهنجي ۽ منهنجي سنبنڌ جو."

"پر... هي توکي ڇا ٿي ويو آ."

"پيار جو نشو چڙهي ويو آ..."

"مارائي ڇڏيندءِ سان."

"پرواهه ناهي... پئي گڏ مرنداسين."

---

"هاڻي روئڻ جي ڪهڙي ڳالهه؟ آءٌ تنهنجو... تون منهنجي... اڄ نه ته سڀاڻ"

"پر... اهو ته ويچارو سڀاڻ ڪو طوفان اچي ته ڇا ٿيندو؟"

"طوفان ته لنگهي ويو جاني".

"پر اثرات اڃا باقي آهن."

"ان جي پرواهه نه ڪر... توکي طوفان ۾ ڇڏي آءٌ ڪو پڇي ويندس؟".

"وعدو رهيو."

"وعدو...".

-- ٺڪ... ٺڪ... "اوهه ٻه ٿي ويا...".

-- وقت جي واهر سان وري وطن کان ورڻ... ڪڇي ۽ مان ننڍڙي جون ٻانهون کڻي... پاسو ورائڻ... آڏن اکين خيالن سان ڪيڏڻ...

"ٻاڻ ٻه گهر ڇڏي ويو هوندو... اماڻ'را ته ٻڪ هن وسيٽڙي ۾ هوندا ته اسان ٻه ائين سڀن... پر...

بابا جو ڪهڙو ردعمل هوندو؟... آءٌ ته اڄ به بابا جو ويچاري ٺڪي پيندي آهيان... سندس اکيون... جيڪي ڪڏهن قرب جي ڪاٿ ڏينديون هيون... تن ۾ مون لاءِ ڪيڏي نه نفرت پڙجي وئي هئي... ۽ آءٌ ته ساڻس اکيون ملائي نه

نہ آهي.

سعيد ڪاهہ واپس وطن وريو ... پر هفتن لاءِ ... ڪيتري نہ سڪ هيم تہ آءٌ بہ گهمي اچان... پر ايتري همت ڪٿان اچيم... ٻاهہ ۾ لاڳيتو جلڻ جلڻ کانپوءِ جلڻ جو احساس گهٽ ٿيندو آ، پر ڪجهہ وقت کانپوءِ ٻيهر ان ٻاهہ ۾ جلڻ کانپوءِ احساس ڪجهہ وڌي ويندو آ ... اهو احساس شايد آءٌ برداشت ڪري نہ سگهان ها! سهي نہ سگهان ها! سعيد ... وڏي دل اٿس ڪيئن سيني جون ڳالهيون ٻڌيون هوندئين؟...

هينئر ويٺو هوندو امان ۽ ماسيءَ سان گڏ ۽ آءٌ ڪيس ساريان ويٺي ... سندس سڀ پيار ياد ڪري ٻيڙجان پئي ٿي... ڪاش آءٌ ڪيس ڪجهہ ڏئي سگهان ... سندس بدلو لاهي سگهان ... يا ڪاش هڪ ڀيرو ... سعيد مون کي ماري ... ايترو ماري، ايترو ماري جو سڄو سڄو ساڻو ٿي پوَيم... رڳ رڳ رتوڇاڻ ٿي پوَيم... ۽ اها اذيت امان واري مار کان بہ ٻيڻي ليکي هجي. هوند هڪ ڀيرو اٿين لڳي ... ۽ پوءِ هي پيڙا ... هيءَ چيڀ... جا آءٌ پل پل محسوس ڪيان ٿي مٽجي وڃي... هميشہ لاءِ ... هميشہ جي لاءِ.

عوامي بوڪ اسٽال سڪرنڊ
هر قسم جي اخبارن
رسالن ۽ ڪتابن لاءِ
مالڪ: محمد رمضان چانڊيو

آفيسر ڪلفي ٺاهڻ لاءِ اڳواٽ ڪير ڪاڙهڻ لڳو. ان وقت جهاز سنگاپور وٽان لنگهي رهيو هو.

سنگاپور ڪان اسان جي آفيس وارن وائرليس تي اسان کي ٻڌايو ته ڪراچي هيڊ آفيس مان ٽيليڪس آيو آهي ته سڄي دنيا ۾ تيل جي قيمتن ۾ ڦير ڦار اچڻ ڪري موجوده حالتن مطابق سنگاپور ۾ وري به تيل سستو آهي سو جهاز جي ٻي سفر جو تيل به هتان ئي هينئر ئي وٺي وڃو.

انڊي ڪي گهرجي هڪ اڌ، هتي ٻئي ٽئي مليون. اسان به اهوئي ٿي چاهيو ته ڪجهه منزل هٽي اڳ پهچجي. جپان ڪان نڪتي پڪ ساهيءَ ڏهه ڏينهن ڪن ٿي ويا هئا. يڪدم ائنڪر ڪيرائي پائلٽ جو انتظار ڪيو ويو جنهن جهاز کي ڪٽي اندر سنگاپور ۾ ٻڌو. ڊيوٽي وارن ڪان علاوه ٻيا سڀ ڪمپنيءَ جي لانچ ۾ شهر گهمڻ ۽ فلمون ڏسڻ هليا ويا. ۽ ٻئي ڏينهن جڏهن جهاز هليو ته عملي جي وچ ۾ اهڙو امن ۽ شانتي هئي جهڙي گهوٽ ڪنوار جي وچ ۾، شاديءَ ڪانپوءِ - ڪجهه ڏينهن لاءِ.


اوهان جي پنهنجي
دي ٽائم فوٽوز
هيرآباد، حيدرآباد
فون نمبر: 32405

تعمير آهي. پر منهنجي دنيا ڇو ويران آهي.

تون الهه ڪٿي هوندين؟ مان شايد توکي ياد به ڪونه هوندس، پر جيڪڏهن تو ڪنهن سان محبت ڪئي هوندي ۽ تون ان کان جدا هوندين؟ ته مونکي يقين آهي ته تنهنجي زندگي پڻ اداس هوندي. ڪاش هن دنيا جا عالم ۽ محقق هن راز کي پروڙي وٺن ۽ محبت جي معني کي صحيح لکن ته پوءِ شايد دنيا محبت جي مهڪ کي زهر سمجهڻ لڳي.


نيڪ تمنائون

پاران

سيد ڪاش جننگ

ائنڊ پريسنگ فيڪٽري

سکرنڊ

هڪڙي ڏينهن گلڻ منجهيءَ تي ويٺو هو. اسيءَ جو لوڏو، ٻاجهر جي ماني اڳيان رکي هيس. نوران هيٺ ويٺي هٿ منهن ڌوتو. منهن ۽ هٿ ڌوئي، نوران پير ڌوئڻ لڳي. جيئن نوران سٿڻ جو پائنڇو مٿي ڪنيو، ته گلڻ جي نظرن اڳيان وري ٻه اڇيون اڇيون ٽنگون، ۽ ساڄيءَ ٽنگ جي ٻڪيءَ تي چمڪندڙ ڪارو تر اچي ويو. گلڻ جون اکيون وڃي تر ۾ کتيون. وري هيڏانهن هوڏانهن ڏٺائين — ماڻس ويٺي هئي، نه ته اٿي وڃي تر چميس ها. ايتري ۾ نوران گوڏن تائين ٽنگون ڌوئڻ لڳي.

گلڻ کي اهو ڏسي ڏاڍو عجب لڳو ته اُهو تر ٻاڪي ڀوڻ ڪري هڪ داغ وانگر مٽجي ويو —

"اڙي، هيءُ ڇا؟"

"جي —" نوران ڏانهس ڏسي چيو.

"هيءُ تر ڪيڏانهن ويو؟"

"تر؟ هيءُ ته هترادوهو. آءٌ ڪجل سان ٺاهيندي آهيان."

"ڇو؟" ڪرهه گلڻ جي نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو.

"بس، مون کي وڻندو آهي. لطيفان جي پنيءَ تي مون تر ڏٺو هو، اهو ڏسي آءٌ به ٺاهڻ لڳيس."

اهو ٻڌي، گلڻ ويچاري جون مٿيون منجهي ويون، ۽ ڪجهه سمجهه ۾ نه ٿي آيس ته ڇا ڪري. اڃا گلڻ اتي ئي ويٺو هو، ته ڏٺائين ته نوران سامهون کٽ تي ويهي، ڪجل سان وري ٻه پنهنجيءَ اڇيءَ ڇيءَ ٽنگ جي ٻڪيءَ جي وچ ۾ ساڄيو تر ٺاهڻ لڳي.

بدرالدين اڇڻ

# پيار ۽ پتني

هو صاحب بيگ ۽ چلي ڪوليءَ کان ڪٽائيندو، فرسٽ ڪلاس جي ٽڪيٽ وٺي بولان ميل تي اچي لاڙڪاڻي کان چڙهيو. ڪوليءَ پنهنجو بل پنج واڌو ڏهه روپيه گهريو. پڇڻ تي معلوم ٿيو ته پنج روپيه نارمل في ۽ ڏهه روپيه مهانگائي الائونس، پر ان جي موٽ ۾ مالڪ کي هڪ عدد ويهڻ جي سيٽ مفت. اها هئي ڪولين جي ڪرامتن جي جهلڪ، ڪوليءَ جي ڪرامت ۽ مالڪن جي حجامت.

نويد صاحب ڪراچيءَ جي هڪ ڪاليج ۾ ادب جو استاد هو ۽ موڪل پوري ٿيڻ تي اوڏانهن وڃي رهيو هو. شايد سندس وڏن جا ٽڪر اگهاڙل هئا جو کيس نوڪريءَ طرفان ڪابه پابندي ۽ پريشاني نه هيس. ڪاليج ۾ استاد ضرور هو، پر ڪڏهن به پلجي ڪو ڪتاب اٿلائڻ جي ضرورت محسوس نه ڪئي هئائين ۽ ان ڪري نه وري ڪو ڪتاب ئي خريد ڪندو هو. پاڻ کي مهذب بنائڻ لاءِ ڪڏهن ڊان وٺندو هو ته ڪڏهن جنگ، ڇاڪاڻ ته مهيني کان پوءِ وڪڻڻ مهل اٽي جيترا پئسا نڪري ايندا هئس. جاسوسي ۽ رومانوي ڊائجسٽ وٺڻ جو ته ڪوڏيو هو.

گاڏي هلڻ ۾ باقي ڪجهه گهڙيون مس هيون ته سامهون واريءَ سيٽ تي سيٺ گلاب ۽ سندس نوجوان ڌيءَ اچي ويٺا. سرلا جو رنگ گهونگهٽ وانگر هو، ۽ ان مان سندس حسن

سيٺ گلاب کي ڏاڍو درد رسيو ۽ هو نويد سان ملڻ بنا سڌو گهر موٽي آيو ۽ سرلا جي ڪمري ڏانهن رخ رکيائين، سرلا ته ڪمري ۾ موجود نه هئي، پر ڪمري ۾ هن جي ٽيبل تي هڪ خوبصورت البم پيو هو. گلاب سوچيو ته ڪراچيءَ جا فوٽو هوندا، ڪٿي البم کولي ته سرلا ۽ نويد جون تصويرون هيون. گلاب ٽپو ڏئي اٿيو ته سيني ۾ سنهڙو سور اٿيس. دل کي هٿ جو سهارو ڏئي ٻاهر نڪرڻ لڳو ته در وٽ ٽيليفون جي تار ۾ پير وچڙيس ۽ ڪري پيو بلڪل ائين جيئن نويد جي ٽڪي سان سڪينه ڇانئٽ تان ڪري هئي. سڪينه کي ته گلاب سهارو ڏنو هو، مگر گلاب کي ڪي سهارو ڏيڻ وارو ڪوبه نه هو.


٨٦

لاڙڪانه ڪيپ هائوس

شاهي بازار حيدرآباد • سنڌي ٽوپي جو اعليٰ مرڪز • بازار کان رعايت

LARKANA CAPHOUSE

SHAHIBAZAR HYDERABAD SIND

هميشه ٽوپي خريد ڪرڻ لاءِ اسان جي خدمت حاصل ڪريو

سيٺ گلاب کي ڏاڍو درد رسيو ۽ هو نويد سان ملڻ بنا سڌو گهر موٽي آيو ۽ سرلا جي ڪمري ڏانهن رخ رکيائين، سرلا ته ڪمري ۾ موجود نه هئي، پر ڪمري ۾ هن جي ٽيبل تي هڪ خوبصورت آلبم پيو هو. گلاب سوچيو ته ڪراچيءَ جا فوٽو هوندا، ڪڍي آلبم کولي ته سرلا ۽ نويد جون تصويرون هيون. گلاب ٽپو ڏئي اٿيو ته سيني ۾ سنهڙو سور اڀريس. دل کي هٿ جو سهارو ڏئي ٻاهر نڪرڻ لڳو ته در وٽ ٽيليفون جي تار ۾ پير وچڙيس ۽ ڪري پيو بلڪل ائين جيئن نويد جي ڌڪي سان سڪينه ڇانٽ تان ڪري هئي. سڪينه کي ته گلاب سهارو ڏنو هو، مگر گلاب کي ڪي سهارو ڏيڻ وارو ڪوبه نه هو.

—●—


٤٨٦

لاڙڪاڻه
ڪيپ هائوس

شاهي بازار حيدرآباد • سنڌي ٽوپي جو اعليٰ مرڪز • بازار کان رعايت

LARKANA
CAPHOUSE
SHAHIBAZAR
HYDERABAD
SIND

ٽوپي خريد ڪرڻ لاءِ هميشه
اسان جي خدمت حاصل ڪريو

نياز همايوني

# گيت

گيت لکان يــا ڳوڙهن ۾ کا ڳالهہ کريـان!

راهـون کيئي ليـکن مـونکي
کابہ انهن مان راس نہ آئي
جن راهن ۾ ريت نہ کائي
تن تي کينءَ مان پير ڌريان
گيت لکان يــا ڳوڙهن ۾ کا ڳالهہ کريـان!

صبح صدا جان آيو ويـو پــر
شام وڇڻ جي کانہ کري ٿي
رات وري ٿي، جان جهري ٿي
هاءِ الا، مان کينءَ کريان
گيت لکان يــا ڳوڙهن ۾ کا ڳالهہ کريـان!

آس نراس جي آڌيڙن ۾
ويتر ٿـي تقديـر اٽائي
تدبيرن کئي کانـہ سٽائي
اونده آپري اوريــان ، پريــان
گيت لکان يــا ڳوڙهن ۾ کا ڳالهہ کريـان!

جن سان وسي ٿي دل جي دنيا
ديد وري ٿي پڻ ديدن ۾
آءُ انهن ئــي اميدن ۾
آئندي جا پيو رنگ پريان
گيت لکان يــا ڳوڙهن ۾ کا ڳالهہ کريـان!

# تخليق

▲سڪل زرد چهرا،
جنگين کان ٻڪن جا ستايل، اڃايل،
ننڍڙن ٻار معصوم مائيءَ ڳهي ٿي،
ڪٿي ڪنهن،
هچاري، ڏُڪارڪي تونگر جي در تي وڪائل،
ڪاروڻجهر جي اک روز ڏسندي رهي ٿي.
▲ضميرن تي جبر و تشدد جا زنجير جڪڙيل،
ڪٿي بسن جي ڦيٿن ۾ ٻانهون وڪوڙيل،
ڪٿي شاهراهن مٿان لاش چچريل،
ڪي مجبور، محتاج، ڪمزور-فت باٿ تي جڻ ته ٻيڙا هلڻ جا،
ڪاروڻجهر جي اک روز ڏسندي رهي ٿي.
▲گرم ڏوپ رتُ جا،
ٻوناريل، ڪڙهائين ۾ ديڳين ۾ انسان جو گوشت رجهندي،
ڪا زوريءَ مٿان ڪوهه ڪچندي،
ائين، جڻ ته،
ورَ جي ڪلهن ڪان جدا ٻانهن ٿيندي،
ڪاروڻجهر جي اک روز ڏسندي رهي ٿي.
▲ڪٿي ديس واسي ڪو بي ٻهچ،
ڪنهن ميڙ ۾ پي اڪيلو، اڪيلو،
ائين، جڻ،
ڪنهن برپٽ ۾ واريءَ تي ڪنڊن جي ٻهري ۾ ڪوگل گلابي،
ڪاروڻجهر جي اک روز ڏسندي رهي ٿي.

▲ميٿي، لوڻ، گندرف،
۽ ڪُسن مان جوڙيل سندس دل،
صدين کان وٺي روز ڌُڪندي رهي ٿي،
جون ٿا:
ڌماڪو ڪري نيٺ، ڪنهن ڏينهن ڦاٽي سا پوندي،
”ابد“ جي لوسانيل ۽ ويران ڪندڙن سنجهان خاڪ آڏندي،
ايامن جا مينار پوندا ڇٽي،
تڏهين حال ماضيءَ جي سيني ۾ بندوق لڳندي.
▲خلائن ۾ پرندڙ ڇپون،
گرم ڪنڪر،
صدين جي سفر ۾ ڏري گُنگ ٿيندا،
”خدائن“ جي اڪيلپ ۾ تخليق ٿيندي،
سوين چنڊ، سورج ستارا به جڙندا،
خلا جي ورن ۾ ڪٿي پنهنجي ڌرتي به هوندي،
آتي تون به هوندي،
آتي مان به هوندس.●

## اسحاق راهي

# قطعات

عصبيت جا ڪوٽ ڪيرائڻ کپن
نفرتن جا ديوَ مارائڻ کپن
جي وجهن ڪنهن بي ترقي ۾ خلل
ذهن اهڙا پڻتي موٽائڻ کپن

راهه جا خطره ذمي رکجي پيس
هلندي هلندي نيٺ مان ٽڪجي پيس
پيار جي منزل جو راهي ڇا ڪري
رهنما جي چال کان ٿڪجي پيس

## اُستاد بخاري

# غـــزل

پيار ڪيوسين، نيٺ مچيوسين، ارڏي دل جو آنوڙ ي!
چاهه بنا ٻي واهه به ناهي، چاهه رڱيو چــو وانوڙ ي!
ڪيئن ڪري ڪا جوڙن جواٽي، هوڏان ٻاهه ته هيڏان پاڻي،
محبت ڪر ته مصيبت، محبت ڏاران من سوڳانوڙ ي.
جڳ جڳ جيون محبت ماڻي، اڏمن جندڙي تڙپي تاڻي،
وڏ ۾ وڏ ٿو نينهن نفعو ڏئي، گهٽ ۾ گهٽ ٿيو گهانوڙي!
دل سيني ۾ سوڳهي آهي، سيني کي ڪو لوڳهو ناهي،
هيءَ وٿ هوندي هٿ ۾ ناهي، جنهن کي هٿي ڪوجهانوڙ ي.
رات ڪٽي پرڀات پڌاري، تارن ۾ پئي چانگ بخاري،
ســورج جهڙي ساجن ايندي، سورن ۾ پــيو سانوڙ ي.

✲

## نظام "زائر"

# غـــزل

اڃا مضبوط ڏوري آس جي آ
پلا چاهي جي منهنجي دل ٽٽي آ
اوهان جنهن سان گهمو مرضي اوهانجي
اسان چاهيون، اسان جي ڇا خوشي آ
سوين سهڻا سجهن ٿا مونکي جڳ ۾
مگر سائين اوهان جــي ڳالهه ٻــي آ
انهيءَ ۾ ڏوهه آهي منهنجو ڪهڙو
اوهان سان جي محبت ٿي وئي آ
رکيــو تصوير خاطر ايــڏي ڪاوڙ
مون سمجهيو ڳالهه شايد ڪا ڳري آ
نه ٿيندس مان ڪڏهن مايوس "زائر"
انــڌيري کان اوس پوءِ روشني آ ●

## لياقت عزيز

# قطعات

تنهنجي ياد آئي ساجن،
ڳوڙها ڳلن تان پيا ڳڙي،
تون ته وساري ويهي رهين،
پر وسرين نه دل تان هڪ گهڙي.

تون رسي وئين مون کان
ڇڻ مون کان منهنجو ڀاڳ رٺو،
اکڙيل ڀيچايا دل جا ڀاڻا،
ڇڻ ساوڻ جو ڪو مينهن وٺو.

چهرو ڪتابي، رنگ گلابي،
لب ياقوتي، نيڻ شرابي،
پر نه آهم صرف تو ۾ وفا،
هر ستم تنهنجو عتابي.

ساجن تو دم ساعت هڪڙي،
مان ڀانيان سو سال،
ساوڻ آيا بهارون گذريون،
پر پڇيئي نه مُنڻا ڪو حال.

## امداد حسيني

# نظم

رات آهي آساس،
روح آهي آداس،
آهي ڏاڍي پياس،
هل ته ڪنهن ميڪدي ۾ هلون.

ڪيئن نڙندو ڪنول،
يار آهي رُٺل،
ڪير ڳائي غزل،
هل ته ڪنهن ميڪدي ۾ هلون.

نفرتن جو نگر،
بند مسجد جو در،
ڇو ڏيون در بدر،
هل ته ڪنهن ميڪدي ۾ هلون.

ڇنڊ نڪري نٿو،
يار وسري نٿو،
وقت گذري نٿو،
هل ته ڪنهن ميڪدي ۾ هلون.

ساغر جون پريون،
مرڪنديون گل پريون،
گهر هلي ڇا ڪريون،
هل ته ڪنهن ميڪدي ۾ هلون.

مختيار ملڪ

# غـــزل

زندگي جبل ۾ آهي لوڪو،
زندگي واءُ جو آهي جهونڪو.

ساز جي ماٺ ۾ صـدا آهي،
منهنجي تارن کي اڃا ڇيڙيو ڪو.

تنهنجي هر ياد ذهن منهنجي ۾،
ڄڻ تہ احساس آهي خوشبوءِ جو.

درد جو گيت مان پيو ڳايان،
ڄڻ تہ ڪو پيو، مونسان ڳائي ٿو.

سون ڇيو هو تہ ”مونکان سهٽي آ“
تو انهيءَ مورتيءَ کي ڊاهيو هو.

پنهنجي تخليق تي نہ ڪر سودو،
پنهنجي هستي کي ڏئين پيو ڌوکو.

غــلام

# ڪافي

هـــلـــو اٿــــي هـَـن پــــار
اوڪي مـــنزل پـــنڌ اڻـــائو
ويـــٺو ونـــجـــهـ ســـنـيار
لهرون لُـڙ ڪـنن جا ڪـڙڪا
ڪين هينيون تون هــار
سير ۾ ڪشتي ڏور ڪـــنارو
تـــار منجهان اڄـــي تـــار

پيڙيا تا ڪر ڪا ترت تياري
اڇـا لڳـئي پيو واءُ سڻائو
هوش رکي ڪر تون هوشياري
دريا ڏئي ٿو دل کي دڙڪا
ڇوڙ تون سـڪڙي ڪر لهواري
آهي غلام کي تنهنجو سهارو
سهڻل ســائين ڪر پوئواري!

## سيد اعجاز علي شاه

# غــزل

مٺا! ڪجھ سوچي تہ ڏسين ها
محبت کي، سيني ۾ سمائي؟ تہ ڏسين ها

ننڍپڻ جي پيار کي، جوانيءَ جي واعدن کي
ڪجھ وقت آزمائي تہ ڏسين ها

پنهنجين خوشين، شادمانن کان اڳ ۾
منهنجي غم کي سيني سان هنڍائي تہ ڏسين ها

گھونگھٽ ويڙهڻ، مينڌي رچائڻ کان اڳ ۾
پنهنجن قولن کي "مٺا" وفا تہ ڪري ڏسين ها

دل ۾ سانديل آرزن ۽ ارمانن جي
خوابن جو تعبير تہ ڏسين ها

بلبل ٻڌي، بهارن ۾ گيت ڳائي تہ ڏسين ها
مٺا! اعجاز کي ڇڏڻ تي ڪجھ سوچي تہ ڏسين ها

## امداد چانڊيو

# وائـــي

هيٺو منهنجو هاڻ نہ ٿيندو
جيون وهم جو ڳنڍڙو ٻڌجي
ٿاپوڪائي ڪڏهن نہ ڪربو
زنجيرن جو ڇڻڪو هوندو
وڻ تي ڌار ڪپين ٿو ويڻو
چپ پڪوڙي ويهان ڪيئن

هي دل ڪانہ مڃيندي هار
توڙي ٿي پئي ماڪي لار
ٽوڙي ڇڏبا ڏانوڻ، ڄار
جڻ ڇوڙيندي وينگس وار
چوڪس ٿي تون الهڙ ڌنار
ماس پٽن پيا ڏس پرمار

## سروپ چندر شاد

# جيون

جيون ڇا آ؟
سوناري جي ڄڻ ٻنيءَ آ
جنهن ۾ هردم،
آگ ٻري ٿي مچ مچي ٿو
ان ٻرندڙ ٻنيءَ ۾ ماڻهو،
سون وانگي ايستائين
خوب جلي ٿو، خوب پچي ٿو،
جيستائين مَٽ، ملاوت ٻري وڃن ٿا
سڙي وڃي ٿو ڪچ سمورو
باقي جيڪو سون بچي ٿو
سوئي آهي سچ سمورو
ڪوڙ، ڪدورت، ڪينو، نفرت
مَر ملاوت وانگي جڏهن سڙي وڃن ٿا
تڏهن ماڻهو ماڻهو ٿئي ٿو
ڪندن وانگي آجرو آجرو
پوءِ هميشه سون سچي جان
انسانيت جي پيشانيءَ تي
جهومر بڻجي
جڳ مڳ هُو جرڪي ٿو
جيون ڇا آ؟
سوناري جي ڄڻ ٻني آ ●

## رسول بخش قريشي

# ڏيڙو

اعتبار ڪج،
تاريخ جو ورجاءُ
ڳڏهن پاتو ڪتج.

# پڙهندڙن جا سنيها

محترم سائين،

تازو شمارو ”آب_ حيات“ پڙهيم. پڙهي تمام گهڻي خوشي ٿي. هن دور ۾ سنڌي رسالا گهٽ شايع ٿين ٿا، پر سنگم پبليڪشن ٽيم کي آفرين هجي ۽ خدا توهانکي وڏيڪ همت ۽ جذبو ڏئي جو توهان هي سلسلو جاري رکندا ٿا اچو. مونکي اميد آهي ته جيڪڏهن اسان پاڻ ۽ پيئرون گڏجي سنڌي ادب جي واڌاري لاءِ محنت ۽ جفاڪشيءَ سان سنگم کي سينگارڻ لاءِ سٺو مواد پيش ڪريون ته سنگم هڪ ڏينهن اسانجي دلين ۾ چاهت جو طوفان ضرور آڻيندو. سنڌيءَ ٻوليءَ کي زنده رکڻ لاءِ سنڌي ادب جو شايع ٿيڻ تمام ضروري آهي.

ڪهاڻي ”آب_ حيات“ تمام گهڻي وڻي. خوشي ٿي ته توهان ٢٥ سال اڳ جي ڪهاڻي کي ياد ڪيو. سنڌي ادب جي اڳواڻ جناب غلام رباني صاحب کي واپس آڻي، توهان اسان تي هڪ وڏو احسان ڪيو آهي. منهنجي نظر ۾ جناب غلام رباني صاحب جي تخليق هڪ عظيم حيثيت رکي ٿي.

فيروزه سما جي ڪهاڻي ”سنڌو“ هڪ پياري ڪهاڻي هئي. لفظن جو استعمال ۽ انداز بيان تمام سٺو هو. ڪيس مبارڪن جو تحفو ضرور ڏيندا.

تاجل بيوس جي اجرڪ واري، زيب پٺي جو گيت ۽ لياقت عزيز جو نظم پسند آيا.

توهان جي ايتري محنت ڏسي منهنجي دل بار بار دعا ٿي ڪري ته خدا سنگم کي ۽ سنگم وارن کي ڪامياب بنائي. آمين.

نيڪ تمنائن سان

الطاف احمد قريشي

ايل.ايم.سي، ڄامشورو- سنڌ.

